
# سريش ڪيسواڻي

**سابق وائيس چيئرمن، سنڌي ساهتيہ اَڪادمي، دهلي**



Suresh Keswani

*Former Vice Chairman,* National Council for Promotion of Sindhi Langauage

*Former Vice Chairman,* 'Sindhi Sahitya Akademy', Delhi

تاريخ اَسان سنڌين کي هندوستان ۾ هڪ اَهڙي موڙ تي آڻي بيهاريو آهي جتي اَسان جي ٻولي ۽ اَسان جو سماج پنهنجي وجود جي بقا لاءِ هڪ وڏي سنگهرش ۾ سرگردان آهي. اَڄ اسان جي پوري جاتي پنهنجي وجود جي ويڙهه ۾ هڪ اَهڙي عذاب ۽ اوڙاه ۾ اَڙجي ويئي آهي، جتي اَسان جو مستقبل بيحد تابناڪ نظر اَچي رهيو آهي. اَسين سڀ هڪ اَهڙي ڊپ جي گهيري ۾ قيد آهيون، جو سماءُ ئي نٿو پوي تہ ڇا اَسين پاڻ لاءِ ڪا نئين راه ڳاهي سگهنداسين يا ماڻهئين خدانخواستہ ڪٿي تاريخ جي پنن تان ئي ميسارجي ويندا سين!

اَهڙين هنگامي حالتن هيٺ اَسان جي مدبرن، اَديبن ۽ عملدارن تي هڪ وڏي جوابداري ٿي عائد ٿئي تہ هو نہ صرف پنهنجي تيزبين نگاه سان مستقبل ۾ جهاتي پائين، بلڪ پنهنجي تمام صلاحيتن کي سماج جي سپرد ڪندي اُن جي تقدير بدلائڻ جي جستجو پڻ ڪندا رهن.

اَسان هميشہ اِها ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ ڪَجهہ اهڙين شخصيتن سان ملاقات ڪجي، جيڪي پنهنجي جاتيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا ۽ جاتيءَ جا سڪاني ٿي تاريخ جو نئون سونهري ورق لکي سگهن ٿا. اَڄ اَسان سان گڏ آهي **شري سريش ڪيسواڻي**، جيڪو مرڪزي ايڇ. آر. ڊي. منسٽري طرفان اِسٿاپت ڪيل نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگئيج (NCPSL) ۾ وائيس چيئرمن آهي. ان سان گڏوگڏ هو دهلي سنڌي اَڪادميءَ جو پڻ وائيس چيئرمن آهي.

**جوَهراڻي:** **ڪيسواڻي! توهان جو هاردڪ سواگت آهي! توهان ٻڌائيندا تہ توهان سنڌ جي ڪهڙي حصي ۾ جنم ورتو؟**

**ڪيسواڻي:** مان لاڙڪاڻہ ۾ جائس. منهنجو پتا اُتي وڪيل هوندو هو. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي مارگ درشن هيٺ منهنجو پتا اَتل راءِ ڪيسواڻي، رام پنجواڻي ۽ ان سان گڏ جسٽس اِندرسين وشنداس اِيسراڻيءَ جو والد، اِهي سڀ آزاديءَ جيMovement ۾ ساڻ ساڻ هئا. اَسان جي گهر ۾ ڪاڏِي پائڻ جي جڻ هڪ رسم هوندي هئي. منهنجي شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي ۾ سنڌي ميڊيم سان ٿي.

**جوَهراڻي:** **توهين سنڌ ڇڏي هند ڪڏهن پهتا؟**

**ڪيسواڻي:** منهنجو پتا ٽنڊو محمدخان، حيدرآباد ۾ جج مقرر ٿيو هو. تنهن ڪري اَسين لاڙڪاڻي مان اُٽي اُتي بہ وڃي ڇهہ اَٺ مهينا رهيا هئاسين. مان ٽنڊو محمدخان ۾ بہ پڙهندو هوس. اها ۴۸-۱۹۴۷ع جي ڳالهہ آهي. ۱۹۴۸ع ۾ تمام ڏکيون حالتون سامهون آيون، جو ڪراچيءَ ۾ فساد ٿيا. سنڌ ۾ شايد اِها پهرين واردات هئي.

اها جنوري ۱۹۴۸ع جي ڳالهہ آهي. پوءِ تہ اهو هُلاءُ ٿي ويو تہ سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفاق وڌائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي؛ تنهن ڪري دٻ وچان ڪيترائي هندو لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا. اَسان جا سنڌي مسلم پاڙيسري پاڻ چون پيا؛ تہ تڪڙ نہ ڪيو، توهين ڪيڏانهن ٿا وڃو!

پر اُن وقت ماحول ڪجهہ بدتر ٿيندو پئي ويو. پنجاب جي خون خرابيءَ وارين ڳالهين بہ اَسان جي اَندر ۾ دهشت پيري ڇڏي. تنهن ڪانپورءِ جيڪي مهاجر سنڌ ۾ آيا، تن پڻ سنڌي هندن لاءِ ڏاڍي ڏکي حالت ڪري ڇڏي. تنهن ڪري سنڌي هندن جي لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. اَسين بہ آخر فبروري- مارچ ۱۹۴۸ع ڌاري ٿرپارڪر جي رڻ مان اُٺ تي ويهي جيسلمير اَچي پهتاسين. منهنجو ڏاڏو تہ مهينو بہ اَڳ ئي اَچي چڪو هئو. هو اَجمير ۾

اَچي Settle ٿيو هئو. تنهن ڪري اَسين سڀ ڪان پهرين اَجمير اَچي پهتاسين.

**جوَهراڻي: ڇا اهو لڏپلاڻ وارو فيصلو صحيح هئو؟**

**ڪيسواڻي:** اُنهيءَ وقت حالتون ئي اَهڙيون هيون!

فيصلو وٺڻ هميشه مشڪل ٿيندو آهي! جڏهن پيُ دل تي حاوي ٿيندو آهي. Fear and Reality جو پاڻ ۾ ھرويرو ڪو سنبنڌ ئي ڪونہ هوندو آهي. پيُ اِنسان کان اَهڙا فيصلا ڪرائيندو آهي، جنهن لاءِ مان هينئر ڪا Value Judgement نٿو ڏيان. اُهو صحيح ڪونہ ٿيندو. اَسين جڏهن هتي پهتاسين تہ منهنجو پتا هتي اَچي ڪوٽا ۾ Public Prosecutor بڻيو. اَسان جي تہ پوزيشن ڏاڍي سني هئي. بعد ۾ منهنجو پيءُ بمبئي سرڪار ۾ جج مقرر ٿيو. اِئين جتي جتي بہ هن جي Transfer ٿي تہ اَسين اُتي وياسين. منهنجي پڙهائي پهريائين جيڪا سنڌيءَ ۾ شروع ٿي هئي; اُها ڪوٽا ۾ اَچي هنديءَ ۾ ٿي، مهاراشٽرا ۾ اَچي مرانيءَ ۾ ٿي، وري گجرات ۾ Transfer ٿي تہ گجراتيءَ ۾ ٿي. ان ڪري مان چار ئي ٻوليون چڱيءَ طرح لکي پڙهي سگهندو آهيان.

**جوَهراڻي: توهان بزنس ۾ ڪڏهن آيا؟**

**ڪيسواڻي:** مون پهرين تہ پڙهائي ڪئي ۽ Law پاس ڪئي.ايم.اي. پاس ڪئي. مان ايڪانامڪس جو ليڪچرر هوس.

**جوَهراڻي: توهان ڪٿي ۽ ڪهڙي ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيا ؟**

**ڪيسواڻي:** ١٩٦٧ع ۾ ايس. پي. ڪاليج، پونا ۾. اُها منهنجي نوڪري جي شروعات هئي. پوءِ مان جئہ هند ڪاليج جائن ڪرڻ لاءِ پونا کان بمبئيءَ آيس، تہ جيئن جئہ هند ڪاليج جائن ڪري سگهان. ان کان اَڳ ئي هتي ليڪچررس جو اِسٽرائيڪ ٿي پيو. سڀ ڪاليج بند ٿي ويا. مون بہ Suddenly پاڻ کي بيروزگار محسوس ڪيو. جڏهن نوڪري نہ هوندي آهي تہ ماڻهو بزنس ڪندو آهي. مون پنهنجي Survival لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ بزنس شروع ڪيو. سائينءَ ساٿ ڏنو تہ ڪجهہ اَڳتي وڌيس.

**جوَهراڻي: بزنس سان گڏ توهان سرڪاري ۽ غير سرڪاري گهڻين سنسٿائن سان پڻ جُڙيا! جيئن 'CIDCO' ۽ 'National Textile Corporation' وغيره. انهن جي شروعات ڪيئن ٿي؟ ڪهڙي سرڪار جي راڄ ۾ توهان کي اهي عهدا مليا؟**

**ڪيسواڻي:** مان سمجهان ٿو تہ سڀ کان پهرين جنهن اَهم سنسٿا جو مون کي چيئرمن مقرر ڪيو ويو، اُها ١٩٨٠ ۾ 'CIDCO' هئي. سچي نيو بمبئيءَ جي Development جي يوجنا ٺاهيسين. تنهن کان پوءِ اَلڳ اَلڳ Corporations تي مان Sales Tax لاءِ مڪمل Re-Organization Committee جو وائيس چيئرمن مقرر ٿيس. رام راءُ آدڪ چيئرمن هئو. اُن کانپوءِ 'Meltron' جو چيئرمن ٿيس. تنهن کانپوءِ مان 'Air India' ۽ 'Indian Airlines' جي بورڊ تي ويس. مسٽر مودي، بورڊ جو چيئرمن هو. پر اُنهن سان ڪجهہ Differences ٿي پيا، تہ هڪ Managing Committee مقرر ڪئي ويئي، جيڪا 'Air India' ۽ 'Indian Airlines'هلائيندي هئي. اُن جو چيئرمن مون کي مقرر ڪيو ويو. تنهن کانپوءِ سرڪار مونکي Air-Mauritius جو بہ ڊئريڪٽر مقرر ڪيو. تڏهن مان هر مهيني Mauritius ويندو هوس؛ ڇاڪاڻ تہ سرڪار جو ايئر ماريشس ۾ ڪافي شيئر هئو. سنگاپور ايئر لائينس بہ اَسان جي سرڪار شروع ڪئي هئي.

ڪانگريس گورنمينٽ جي اِها پاليسي هئي تہ جيڪي بہ نندا راشٽر اَسان جي پاڙي ۾ آهن، اُنهن کي وڏي پاءُ جيان Support ڪري پنهنجي پيرن تي بيهاريو وڃي. نتيجو اِهو نڪتو جو اَڄ سمورا نندا پاڙ هينئر شينهن ٿي ويا آهن ۽ اَسان جو بہ سٺو وڪاس ٿيو آهي.

**جوَهراڻي: توهان نيو بمبئيءَ جي وڪاس جي رٿا ۽ اُن جي سهٽي يوجنا ۾ پاڻيان ٿو تہ اَهم رول اَدا ڪيو آهي!**

**ڪيسواڻي:** اها ترقي منهنجي دور ۾ شروع ٿي! پر سنجوڳ اَهڙو هئو جو اُن مهل اَسان ٧٠ روپئي اِسڪوائر ميٽر زمين وڪڻندا هئاسين. مان سيني دوستن کي request ڪندو هوس تہ پلاٽ وٺو! ماڻهو چيڪ

موڪليندا هئا. پر اُهو چيڪ پاس ٿيڻ نہ ڏيندا هئا، ’’سائين ڪيسواڻي صاحب! توهان کي اَسين ’ نہ‘ تہ نہ ڪري سگهياسين. چيڪ تہ ڏنوسين، پر منهنجي مرضي ڪونهي! مان ايترو پري ڪيئن ايندس!‘‘

اُن وقت ماڻهن جي دماغ ۾ اها پڪ ئي ڪونہ هئي تہ ايندڙ زماني ۾ نئين بمبئيءَ جو Future ٿيندو ۽ بمبئيءَ جي آدمشماري ايترو تہ وڌي ويندي، جو Satellite Towns بہ اَسان جي شهر جي اَندر اَچي ويندا.

پر مون کي اِها پڪ هئي! ڇو تہ اَسان دنيا جا ٻيا شهر ڏٺا هئا. مون گهڻيئي دفعا دنيا جو دورو ڪيو هو. تنهن ڪري مون کي اُهو اَحساس هئو. پر اَسان جا ماڻهو ڏاڍا Family Oriented آهن. اَسان جو Joint Family ۾ بنياد رهيو آهي، تنهن ڪري اُنهن Satellite Towns کي Develop ٿيڻ ۾ ڪجهہ وڌيڪ وقت لڳي ويو.

**جوَهراڻي: توهان هيترين سنسٿائن سان جُڙيل رهيا. پوءِ توهان کي اَچانڪ ’سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا‘ برپا ڪرڻ جو ويچار ڪيئن آيو؟**

**ڪيسواڻي:** ’سنڌي ڪائونسل‘ جي بنياد پنيان پس منظر اِهو آهي تہ مان جڏهن ۱۹۹۶ع ۾ راجيہ سڀا ۾ چونڊجي ويس، تڏهن قسم کڻڻ مهل ڏٺم تہ تامل ناڊو جا ميمبر اَنگريزيءَ جا ماهر هوندي بہ تامل ٻوليءَ ۾ قسم کڻي رهيا هئا. ڪي بنگال جا رٽائرڊ فوجي جنرل پنهنجو قسم بينگالي ٻوليءَ ۾ کڻي رهيا هئا، گجرات وارا تہ هميشہ گجراتيءَ ۾ کڻندا ئي هئا ۽ مهاراشٽرا وارا مرهٽيءَ ۾ کڻندا هئا.

مون ڏٺو تہ English Speaking Area وارا بہ پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ قسم کڻن ٿا؛ تڏهن مون سوچيو تہ مان بہ هتي ڏيکاريان تہ اَسين سنڌي هن ملڪ ۾ هڪ وڏي تعداد ۾ رهون ٿا ۽ جيڪڏهن هن ملڪ جي مکيہ ڌارا سان جڙي ويا آهيون؛ تہ ان جو مطلب اِهو ناهي تہ اَسان پنهنجي سنڌيت کي وساريو آهي يا سنڌي ٻوليءَ کي وساريو آهي! تنهن ڪري مون سنڌي ٻوليءَ ۾ قسم کنيو! اُن وقت ئي مونکي ’سنڌي ڪائونسل‘ جوڙڻ جو خيال آيو!

**جوَهراڻي:** **اَڄ اَسين اَهڙي موڙ تي پهتا آهيون، جو هر هنڌان سنڌي ٻولي کسڪندي ٿي وڃي. اِسڪولن، ڪاليجن؛ ويندي اَڄ ڪيترن گهرن ۾ پڻ سنڌي نٿي ڳالهائي وڃي! اَهڙي صورت ۾ توهان کي اِها اُميد آهي ته اَڄوڪين حالتن ۾ اَسين سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سڀيتا کي بچائي سگهنداسين؟**

**ڪيسواڻي:** جڏهن مان قسم کڻي ٻاهر آيس؛ ته منهنجي ذهن ۾ اِهو ئي سوال آيو. مون کان ماڻهن پڇيو ته

”خالي سنڌيءَ ۾ قسم کڻڻ سان سنڌي ٻولي ڪيئن بچي سگهندي؟ ان لاءِ اوهين ٻيا ڪهڙا نوس قدم کڻندا؟ عوام ۾ توهان ڪيئن سجاڳي آڻيندا؟“

اَسان اُن مهل جي پرائيم منسٽر Deve Gowda کان ملاقات جو ٽائيم گهريو. مون سڄي هندوستان جو دورو ڪيو ۽ هر شهر ۾ سنڌي پاڻرن سان مليس. سيني جو هڪ گروپ ٺاهي ڪري Deve Gowda وٽ ٻه سوءُ ڄڻن جو ڊيليگيشن وٺي وياسين. هن چيو، ”مان ٻه سوءُ ڄڻن سان ڪيئن ملندس.“ مليو سهين. پر هُن چيو ته اَوهين ڇا ٿا چاهيو؟ اَسان هن جي سامهون ٻه ٽي ڳالهيون رکيونسين. هڪ ته اَسان جي ٻوليءَ لاءِ NCPSL ايترو Slow Motion ۾ هلي رهي آهي، جو اُها صرف گجرات تائين محدود ٿي رهجي ويئي.

**جوَهراڻي:** **گجرات تائين محدود! اُن جي پٺيان ڪهڙو ڪارڻ آهي؟**

**ڪيسواڻي:** ڇو جو اُن جو هيڊڪوارٽر بڙودا ۾ هئو! اُن جو Influence ٻه گجرات اَندر ئي محدود رهجي ويو. تڏهن مون کان پڇيائون ته سنڌي ڪلڪتي وغيره ۾ ٻه آهن ڇا، مدراس ۾ آهن ڇا! بنگلور ۾ گهڻا آهن؟ حيدرآباد ۾ گهڻا آهن؟ اُن مان مون محسوس ڪيو ته سرڪار کي اَسان جي آباديءَ بابت گهٽ خبر آهي؟

**جوَهراڻي:** **هندوستان ۾ اَسان سنڌين جي آبادي گهڻي آهي؟**

**ڪيسواڻي:** اَسان جي جيڪا آخري Census، ١٩٩١ع ۾ ٿي آهي؛ اُن موجب اَسان جو تعداد پنجويه لک هو. اُهو هينئر ٽيه يا چاليه لک ٿيڻ گهرجي. پر مان جڏهن سيني شهرن ۾ ويس ته مون وٽ اُتان جي

پنچايتن جون ڊئريڪٽريون آيون. اُن موجب جيڪڏهن هڪ ڪٽنب جا پنج ڇڙا به ليکجن ته مون کي لڳو ته اَسين سنڌي هتي پنجٽهر لک کان به مٿي رهون ٿا.

**جوَهراڻي:** **اِها توهان جي علم رياضي جي حساب سان هندوستان ۾ سنڌين جي آبادي ٿي! پر ڀڏائي سگهندا ته هندوستان کان ٻاهر سنڌين جي گهٽي آبادي ٿيندي ؟**

**ڪيسواڻي:** هندوستان کان ٻاهر به اَسين اَٽڪل پنجويهه ٽيهه لک کن رهون ٿا! سنڌ ۾ اَسين سنڌي هندو اَٺ ڏه لک آهيون. باقي ويهارو لک کن اَسين سنڌي ٻين ملڪن ۾ رهون ٿا. سنڌ ۾ ته سنڌي مسلم ٻه ڪروڙ کن آهن.

ان حساب سان اَسين سنڌي هندو ڪل هڪ ڪروڙ آهيون ۽ سنڌي مسلم ٻه ڪروڙ آهن. ٽوٽل سنڌي ٽي ڪروڙ آهيون!

تڏهن مون Deve Gowda جي سامهون اِها ڳالهه رکي! مون چيو ته هندوستان ۾ اَسان جون ڇهانوي ڪالونيون آهن. اَڄ اُلهاس نگر ۾ جيڪو Problem آهي، اَهڙا هندوستان ۾ ٩٦ اُلهاسنگر آهن؛ جتي مان هرهنڌان ٿي آيو هوس. اُنهن Refugee Camps ۾ ڪوبه ميونسپالٽي جو ڪم نيڪ نموني ڪونه ٿيو آهي. اَسان سان ڪوبه اِنصاف نه ٿيو آهي. ڪائي Development نه ٿي آهي. ڪٿي گٽر ڪونهن، ڪٿي اِيديوڪيشن ناهي. اَسين سنڌي هندوستان ۾ جيڪا ٽيڪس ڀريون ٿا، اُن جو ٨٠% حصو .State Govt کي گرانٽ جي روپ ۾ واپس ملي ٿو. پر اها .State Govt اسان وارن پيسن مان اَسان تي اَٺ پيسا به خرچ ڪونه ٿي ڪري!

**جوَهراڻي:** **پرڌان منتري Deve Gowda سان ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ ڇا ڪوئي ٺوس نتيجو نڪتو؟**

**ڪيسواڻي:** بدقسمتيءَ سان Deve Gowda وڌيڪ وقت پرڌان منتري رهيو ئي ڪونه! تنهن ڪانپوءِ گجرال، پرائيم منسٽر بڻيو. اهو به ڏاڍو ٿورو سميه رهيو. پر اُن اَسان کي ٽائيم ڏنو ۽ چيائين ته ”مسٽر ڪيسواڻي! توهين جيڪا ڳالهه چئو ٿا، اُن لاءِ مان نٿو چوان ته

توهين غلط آهيو؛ پر سڄي سنڌي سماج جو Opinion ڇا آهي؟ توهان جو ڪو ليڊر آهي؟ توهين هڪ ليڊر تہ چونڊڻ سکو! هڪ نہ، ڏہ هجن؛ جيڪي سماج جي ڳالهہ ڪن. ٻيو تہ توهان جو گڏيل آواز ڪڏهن آيو آهي؟ هڪڙو هڪڙي ڳالهہ ڪندو، تہ ٻيو ٻي ڳالهہ ڪندو! هر شهر ۾ توهان جون هزارين تہ سنسٿائون آهن. سڀئي سنسٿائون صرف Letterhead Organizaions آهن. هرهڪ ماڻهو اُنهن جو پريزيڊنٽ لڳو پيو آهي. توهان ڇو نہ ٿا هڪ اَهڙي سنسٿا برپا ڪريو، جيڪا پوري هندوستان ۾ سنڌين جي هڪ سنسٿا هجي!''

مون ڇيومانس تہ ''اَکل ڀارت سينٽرل پينچايت' آهي سنڌين جي، ناري گرسهاڻي اُن جو پريزيڊنٽ آهي. ڇيائين،'' اُها صرف Paper Organization آهي. ناري گرسهاڻي بہ مون سان مليو هئو. ليٽر بہ ڏنا هئائين، پر اُن سان گڏ پينچايتون سڄ پچ جُڙيل ڪونهن! تنهن ڪري

Why don't you work on these lines!

توهين هر شهر ۾ وڃي پنهنجن ڀائرن کي گڏ ڪريو! اُن جي برانچ هرهنڌ هجي؛ جيئن توهان کي هڪ Unanimous Voice هجي! تہ اَسين سمجهي سگهون تہ هيءَ سنڌين جي Demand آهي!''

**جوَهراڻي:** **اُن مقصد سان توهان 'سنڌي ڪائونسل آف انڊيا' برپا ڪئي؟**

**ڪيسواڻي:** مون برپا ڪونہ ڪئي! اُن لاءِ اَهم يوگدان سائوٿ وارن جو هئو. Southern Zone وارن پنهنجي ڇئن ئي States؛ ڪرناٽڪ، تامل نادو، آنڌرا، ڪيرالا ۽ پانڊيچري اُنهن Southern Federation ٺاهيو آهي. اُنهن ڇيو تہ ''سائين! ان طرز تي سنڌين جو Indian Federation نهي!''

انهن پوءِ آڪٽوبر ١٩٩٨ع ۾ حيدرآباد ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي؛ جنهن کي 'سنڌي ڪائونسل' جو پهريون ڪنوينشن ڇئي سگهجي ٿو. اُتي سڀني پنهنجا پنهنجا ويچار رکيا، تہ اَهڙي سنسٿا ٺاهي وڃي. اُنهن پاڻ مون کي اُن جو پرڌان چونڊيو. اُن کانپوءِ پهرين تہ Constitution ٺاهيوسين. تنهن کانپوءِ ناگپور جي N. Kumar اَسان

جي ڪائونسل جو ٻيو ڪنوينشن Host ڪيو. جتي Constitution تي بحث ٿيا. وري سريش ڪيولراماڻي اڳيان آيو، جنهن ڪجھ ڳانڍيڊام ۾ ٽيون ڪنوينشن Host ڪيو. اُتي اَسان پنهنجو وڌان Adopt ڪيو، منظور ٿيو ۽ اُن ڪانپوءِ Registration تي!

**جوهراڻي: توهين دهلي سنڌي اَڪادميءَ سان ڪڏهن ڪان جُڙيل آهيو؟**

**ڪيسواڻي:** ١٩٩٩ع ۾ دهلي گورنمينٽ مون کي چيو تہ سنڌي ٻار هاڻ سنڌي ٻولي ڪونہ ٿا پڙهن. تنهن لاءِ سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن کي پاڻ ڪونہ ٿا ملن. سو اُهي هينئر گهٽبا پيا وڃن. ضرورت آهي تہ سنڌي اڪادمي کي هڪ نئين زندگي ڏني وڃي. تنهن لاءِ هنن مونکي وائيس چيئرمن مقرر ڪيو.

**جوهراڻي: سنڌي اڪادميءَ ۾ توهين ڪيترا پيرا وائيس چيئرمن تي رهيا آهيو؟**

**ڪيسواڻي:** مون اُتي ٻہ ٽرم پورا ڪيا!

**جوهراڻي: اُن دوران توهان جي اَيامڪاري ۾ سنڌي سماج لاءِ ڪي اَهم حاصلاتون؟**

**ڪيسواڻي:** حاصلاتون تہ ماڻهو پاڻ Decide ڪري سگهندا!

دهلي سنڌي اَڪادميءَ جي بجيٽ اُن مهل ڏہ پندرهن لک مس هئي. اها هينئر وڌي هڪ ڪروڙ ڪان مٿي ٿي آهي. تنهن ڪان سواءِ تازو گورنمينٽ آف دهلي، ڏه هزار اِسڪوائر فوٽ جڳھ ڏني آهي، جتي اَسين Sindhology Museum ناهينداسين!

**جوهراڻي: تمام سٺو! اِها ڪاميابيءَ جي ڳالھ آهي! پر ڇا اها زمين توهان کي ملي چڪي آهي؟**

**ڪيسواڻي:** زمين نہ؛ آفيس لاءِ جڳھ ملي چڪي آهي! هينئر اُتي Renovation جو ڪم هلي رهيو آهي. اُتي هڪ ننڍڙو ٿيئٽر بہ اَسان کي ڏنل آهي، جتي اَسين پنهنجا ڊراما، شوز، ٽريننگ پروگرام ڪري سگهون ٿا. اُن لاءِ مان چيف منسٽر شيلا ڊڪشت جو شڪرگذار آهيان؛ جنهن اَسان جي ڪنهن بہ Legitimate Demand ڪان اِنڪار

نہ ڪيو آهي.

منھنجو يوگدان اِهو آهي تہ Sitting Fee جيڪا اَڍائي هزار Per Meeting مقرر ٿيل آهي، اها جائن ڪرڻ کان وٺي اَڄ تائين مون ڪڏهن بہ اُن مان هڪ روپيو بہ ڪونہ ورتو آهي. مون ڪڏهن بہ Travelling Expenses ڪونہ ورتا آهن. مان سڀ سفر پنھنجي خرچ تي ڪندو آهيان. اهو منھنجو سنڌيت لاءِ يوگدان آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان جو تمام سرڪاري اَدارن ۾ بيحد سٺو اَثر رسوخ آهي، تہ ڇو نہ دهليءَ جيان ٻين States ۾ بہ سنڌي اَڪاڊميون برپا ڪرائجن ۽ اُنهن کي بہ دهليءَ جيان سٺي بجيٽ ڏني وڃي، جيئن ڪوبہ پرانت سنڌي ساهتيڪارن، ڪلاڪارن ۽ اَديبن جي وڪاس کان رهجي نہ وڃي؟**

**ڪيسواڻي:** موجوده ايڇ. آر. ڊي. منسٽر، اَرجن سنگهہ کي ’دهلي سنڌي اَڪاڊميءَ‘ جو ڪم وڻيو. هن اُن لاءِ ’نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگئيج‘ (NCPSL)جي ذميواري بہ مون تي رکي. چيئرمن اَرجن سنگهہ آهي ۽ وائيس چيئرمن مان آهيان.

**جوَهراڻي:** **ڇا ‘NCPSL’ جي بہ وڏي بجيٽ آهي؟**

**ڪيسواڻي:** نہ! هيل تائين تہ چاليهہ پنجاه لک ئي بجيٽ رهي آهي! اُها هينئر وڌائڻ لاءِ آسرو مليو آهي.

**جوَهراڻي:** **‘National Council for Promotion of Urdu Language’ (NCPUL) جي بجيٽ شايد تمام سٺي آهي؟**

**ڪيسواڻي:** اُردو وارن جي بجيٽ نوَ ڪروڙ آهي.

**جوَهراڻي:** **الڳ الڳ ٻولين جي وڪاس ۾ گورنمينٽ ايترو فرق ڇو ٿي رکي؟**

**ڪيسواڻي:** مون هاڻ اِها ڳالهہ سرڪار اَڳيان پيش ڪئي آهي، تہ هندوستان ۾ مسلمانن جو تعداد ١٠% آهي. تنهن لاءِ اهو ڌيان رکي اُنهن کي بجيٽ ڏني وڃي. اُهو اِن ڪري جو مهاراشٽرا جا مسلمان اُردو نہ ڳالهائيندا آهن. ڪرناٽڪ جا مسلمان اُردو نہ ڳالهائيندا آهن.

ڪيرالا جا مسلمان اُردو نہ ڳالهائيندا آهن. مون پريزيڊنٽ کان پڇيو،

”سائين! توهين تامل ناڊوءَ جا آهيو. توهين اُردو ڳالهائيندا آهيو؟“

چيائين، ”نہ! اَسين تامل ڳالهائيندا آهيون.“ تڏهن مون چيو صرف يو. پي. ۽ دهليءَ جي ڪجھ حصي جا ماڻهو اُردو ڳالهائيندا آهن. پر سنڌي هر State ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن. ان لحاظ کان اُردوءَ جي بجيٽ جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ سان بہ اِنصاف ٿيڻ کپي. اَرجن سنگھ اِها ڳالھ مڃي آهي. چيائين، ”توهين اَسان کي ٻڌايو تہ توهان کي ڇا کپي!“

مون چيو، ”پهريائين تہ جيئن اَوهان 'NCPUL' کي هيڊ وڏو پلاٽ ڏنو آهي ۽ اُهي پنهنجي بلڊنگ جي ڪنسٽرڪشن ڪري رهيا آهن. تيئن اَسان جي NCPSL کي بہ هڪ بلڊنگ هئڻ گهرجي. هيڊ ڪوارٽر بڙودا جي ڪنڊ ۾ نہ ڦٽو ڪيو وڃي. پر اُن کي دهليءَ ۾ رکيو وڃي. سنڌ مان اَسان جا سنڌي بہ اَچي ڏسي سگهن تہ اَسين هتي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيون!“

**جوَهراڻي: توهان جي ويچار موجب سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙي لپي هئڻ گهرجي؟**

**ڪيسواڻي:** رام! مان اُنهن Issues ۾ وڃڻ بدران اِهو چاهيندس تہ اَسان جا ٻار سنڌي ڳالهائين. اَڄ تہ اَهڙي پوزيشن آهي، جو ٻار جيڪا بہ لپي استعمال ڪرڻ چاهين، انهن کي همٿائجي. اَڄ اَسان جا ڪتاب وڪامجن ڪو نہ ٿا! اَسين ليکڪن کي پيسا ڏيندا آهيون. اُهي ڪتاب لکندا آهن ۽ ڇپائيندا آهن ۽ Bulk Purchase ٿيندي آهي. لائبررين کي Distribute ڪندا آهيون. اُهي جيڪڏهن ڪو پڙهندو ئي ڪونہ تہ پوءِ اُن جو ڪهڙو فائدو؟ تنهن ڪري مون دهلي اَڪاڊمي ۾ سڀ کان پهريون ڪم اِهو ڪيو تہ وڏ ۾ وڏ ناٽڪن، وڏ ۾ وڏ سنگيت پروگرامن تي زور ڏنو آهي. هينئر مان ووڪل ڪلچر کي اِليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ڪٽي وڃڻ چاهيان ٿو.

پهرين تہ ٻار سنڌي ٻُڌن! لپي تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي. اَسان جا ٻار آمريڪا مان رومن اِسڪرپٽ ۾ سنڌي لکي موڪليندا آهن.

گياني زيل سنگهہ اَنگريزيءَ ۾ ليڪچر ڪندو هئو، جيڪو هن وٽ گرمکيءَ ۾ لکيل هوندو هو. ڪنهن کي خبر بہ ڪونہ پوندي هئي تہ هن کي اَنگريزي ڪونہ اِيندي آهي. مطلب آهي تہ ٻار سنڌي سکن. Jews جي ست سؤ سالن کان ‘Hebrew’ ٻولي ختم ٿي ويئي هئي. پوءِ هنن قبر مان پنهنجي ٻوليءَ کي کوٽي ڪڍيو. اُن کي صاف ڪري وري ٻارن کي سيکاريائون. هاڻ اُنهن جا ٻار صرف ‘Hebrew’ ڳالهائيندا آهن.

**جوَهراڻي: توهان سياست جي ميدان ۾ ڪڏهن داخل ٿيا؟**

**ڪيسواڻي:** مان جڏهن کان وٽي CIDCO جو چيئرمن ٿيس؛ اُن وقت کان وٽي سياست ۾ ئي آهيان! مان پارليامينٽ ۾ ويس، پوءِ بہ ڪانگريس سان ئي رهيو آهيان!

اَسان جڏهن ‘سنڌي ڪائونسل’ جو چوٿون ڪنوينشن ڪيو، تڏهن مون سونيا گانڌيءَ کي عرض ڪيو تہ اَسان جا سنڌي توهان کي ٻڌڻ چاهين ٿا!

هن چيو تہ مان بہ سنڌين سان ملڻ چاهيان ٿي. تڏهن اَسان جو پنجون سميلن جيپور ۾ اِيسراڻي صاحب Host ڪيو هئو. اُتي سونيا گانڌيءَ کي گهرايوسين. هوءَ آئي. سمورو هال پئڪ هئو. اُتي سڄي هندوستان مان سنڌي آيا!

**جوَهراڻي: اَڄ جي سياست ڪهڙي مقام تي پهتي آهي. انهيءَ لاءِ توهان کي ڇا چوڻو آهي؟**

**ڪيسواڻي:** مون کي بہ ڳالهيون چوڻيون آهن. پهرين تہ جيڪو سياستدان سياڻي جي اِليڪشن جي باري ۾ سوچي ٿو اُهو تہ سياستدان آهي؛ جيڪو سياڻي جي نسل جي باري ۾ سوچي ٿو اُهو Statesman آهي! اَسان هاڻي Statesman پيدا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا آهن، ڇو تہ Statesman کي Politicians طرفان همت اَفزائي ڪونہ ٿي ملي. راجنيتيءَ ۾ اِليڪشن لڙڻ لاءِ پيسي جي ضرورت رهي ٿي. Politics

۾ جنهن کي پيسو آهي ۽ جيڪو زوردار آهي، اُنهن جو Democracy اَندر ئي هڪ گهَرو ناتو تيار ٿئي ٿو. هاڻي جيڪڏهنDemocracy ۽ ووٽن جي سرڪار کپي ته اُن ۾ پيسو به ايندو، طاقتور شخص به ايندا. جڏهن اُهي ٻئي Factor چونڊجي اَچن ٿا، ته پوءِ اُهي چونڊجڻ کان پوءِ گم ٿورو ئي ٿيندا!

اَسان وٽ هاڻي جيڪو اَثر ويهاريو ويو آهي ته ’سياستدان‘ معنيٰ بلڪل اَچو اُجرو. اُهو اَسين چو ٿا سمجهون! اَسان کي خبر آهي ته اِليڪشن ۾ ڪروڙن روپين جو خرچ ٿو ٿئي. جيستائين اِهو ٿيندو رهندو تيستائين Politics ۽ Corruption جو ناتو هلندو ئي رهندو! باقي Corruption کي دور ڪرڻ جا اُپاءَ آهن. پر اهي سختيءَ وارا آهن. اَسان جي پاسي ۾ سنگاپورDevelop ٿيو. اُهو هڪ Sleepy Tower هئو. پر اُن مان هڪ ايڏي وڏيEconomy تيار ٿي ويئي. اُتي به ڪرپشن هو، پر آهستي آهستي هنن اُن کي گهٽايو. دبئي ۾ به Corruption هوندو هئو. اُنهن Punishment ڏيئي اُن کي گهٽايو ويو. ان طرح Growth ۾Bottom Level جي ماڻهوءَ کي جڏهن توهين پاڻ سان گڏ کڻو ٿا ته آهسته آهسته Corruption گهٽجي ٿو! پر اُها رشوتخوري هڪ ڏينهن ۾ گهٽجڻ واري ڪونهي!

**جوَهراڻي:** **’ٽرانسپرنسي اِنٽرنيشنل‘ طرفان شري آر.ايڇ. ڍلياڻيءَ ٻڌايو ته هندوستان، ڪرپشن ۾ ڪيترن ئي ملڪن کان اَڳيان نڪري ويو آهي. ڀارت ايمانداريءَ ۾ ٨٣ نمبر تي آهي. هاسپيٽل، اِسڪول، ڪاليج، سياست؛ هرهنڌ ڀرشٽاچار هلي رهيو آهي. ڇا هاڻي اُن بيماري ۽ مرض کي روڪي سگهجي ٿو؟**

**ڪيسواڻي:** مون کي لڳي ٿو ته سڀني کان وڏي ڳالهه آهي Growth ۽ Economic Justice جي آهي. جيستائين روزگار ئي ڪونهي، تيستائين اُن کي اُپديش ڪيئن ڏبا! اَسان جون پگهارون ڏاڍيون گهٽ آهن. ‘If you pay peanuts, you get monkeys!’

اَسان کي بنيادي Structure؛ جيڪو اَنگريزن ڏنو آهي،اَسين اَڃا اُن تي ئي هلون پيا. اَسان کي پنهنجي ملڪ لاءِ هڪ نئون Structure ناهڻو پوندو. پلاننگ ڪميشن ۾ اَڄ من موهن سنگهه وينو

آهي. هن لاءِ ڪير بہ نہ چوندو تہ هوُ Corrupt آهي. اَسان وٽ فنانس منسٽر Chidambaram آهي. ڪير نہ چوندو تہ هيءُ Corrupt آهي. شو راج پاٽل لاءِ پڻ ڪير نہ چوندو. اَسان جي پريزيڊنٽ لاءِ ڪير نہ چوندو تہ هيءُ Corrupt آهي. اَسان کي پنهنجن اِنهن اَڳوانن ۾ ڏاڍي اُميد آهي ۽ يقين آهي تہ آئينده روشن آهي. اَسان جو Growth اٺ سيڪڙوآهي. اَسان جي Economy تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. اَسين صرف هيٺئين طبقي وارن ماڻهن کي نہ وساريون ۽ اُنهن کي بہ ساڻ کڻي هلون تہ ننڍا مسئلا حل ڪري سگهبا!

**جوَهراڻي:** **توهان ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ ويا هئا. اُتي ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪارن سان مليا ۽ اُتان جا ساهتيڪار توهان جي دعوت تي هتي هندوستان ۾ آيا. اُنهن گڏجاڻين جو ڪجھہ احوال ٻڌائيندا؟**

**ڪيسواڻي:** هرهڪ شخص مون کي چوندو هو تہ توهين اَچايو اَڪن تي ٽا اَٽو هاريو. سنڌي، Dying language آهي. سيئي ريجنل ٻوليون Dying languages آهن، تنهن لاءِ پنهنجو وقت نہ وڃايو! تڏهن مان چوندو آهيان تہ مون کي نٿو لڳي تہ سنڌي ٻولي ختم ٿي ويندي! ڇو ختم ڪونہ ٿيندي؟

جو ٻہ ڪروڙ سنڌي مسلمان تہ آهن! اَسين پنج هزار سالن کان وٺيIndus Valley سان جڙيل رهيا آهيون! اها سڀيتا هن ديش جي مکيہ ڌارا آهي. ويدن جي رچنا سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي ٿي هئي. تہ اها پنج هزار سال پراچين سنسڪرتي Religions جياَثر هيٺ متجي ويندي؛ اِئين ڪونہ ٿيندو!

پڳوان گدواڻيءَ 'Return of Aryans' ۾ لکيو آهي تہ سنڌي ڪيئن هزارها سال ڦرين ٻاهر ويا ۽ سوين سال ٻاهر رهي وري واپس آيا تہ سنڌيت هميشهہ پاڻ کيRe-Invent ڪندي رهي آهي.

اَسين سنڌي پنهنجي ٻوليءَ کي وساري ڇڏينداسين، اُن ڳالهہ ۾ منهنجو وشواس ئي ڪونهي. مان سوچيندو آهيان تہ ٻہ ڪروڙ سنڌي جيڪي سنڌ ۾ رهيا پيا آهن، اُهي سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ٿا، تہ ڇو نہ اَسين بہ اُن پرمپرا کي پنهنجو پاڻ سان جوڙيون! لڳ ڀڳ

ٻه سال پهرين جڏهن ڏکيون ويڙهائون ملنديون هيون، تنهن وقت مون سنڌي مسلم ليکڪن کي دهليءَ گهرايو. اُتي جا ساهتيڪار ۽ هتي جا ساهتيڪار پاڻ ۾ گڏجي وينا. جيڪو گڏيل ويچار ٿيو، اُن مان مون کي لڳو ته سنڌي ٻوليءَ جو آئينده روشن آهي. صرف اَسان کي محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اَسان کي پنهنجي ٻولي ضرور سکڻ گهرجي. اُن مان گهڻيئي فائدا آهن. اَسين واپاري جاتي آهيون. اَسان کي ڏنڌي واپار جو شوق آهي. مان جتي ٻه ويو آهيان ته سنڌي پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. اُهي چوندا آهن ته اَسان جو گراهڪ اَنگريزي، فرينچ ۽ اِسپينش ڳالهائيندو آهي ته اَسين اُن مهل پنهنجا اَگهه پار سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهيون. تنهن لاءِ سنڌي ٻولي اَسان جي Commercial Requirement پڻ آهي!

اَڄ هتي ڀارت ۾ هڪڙو سنڌي پريوار ڏه غير-سنڌي پريوارن کي روزگار ڏيندو آهي! اَسين تنگدل ناهيون ۽ اَسان کير کنڊ ٿيڻ سکيو آهي!

**جوهراڻي:** **توهان جي ويچار ۾ اهو اَسان جو ٻين جاتين جي سڀيتا ۾ جذب ٿيڻ صحيح آهي يا غلط؟**

**ڪيسواڻي:** اَسان جي سڀيتا ته ويندي ڪونه! ڪنهن وقت سنڌ ۾ اَسان سنڌين مٿان Muslim Rulers جون عقوبتون ٿينديون هيون. سائين جهوليلال جي اَچڻ کانپوءِ ۽ هندو-مسلم ناهه کان پوءِ سنڌ ۾ ڪڏهن هڪ ٻه فساد ڪونه ٿيو. ڏهين صديءَ کان پوءِ ويهين صديءَ تائين هزار سال ڪابه تڪليف ڪونه هئي. ڪي راجائون اَهڙا هئا، جيڪي هندن مٿان سختيون ڪندا هئا. محمد بن قاسم جي حملي کانپوءِ سنڌ جون حالتون ڏکيون ٿينديون ويون. سترهين صديءَ ۾ راجا رنجيت سنگهه مسلمانن کي پنيان هٽايو ۽ اَفغانستان، پنجاب، سنڌ جي ڪيترن حصن کي وري هٿ ڪيو. اُن چيو ته جنهن جي ٻه گهر ۾ گرو گرنٿ صاحب هوندو، اُن کي اَسين Protection ڏينداسين. تنهن ڪري سنڌين گرو گرنٿ صاحب رکڻ شروع ڪيو.

اِئين اَسين گرونانڪ کي مڃڻ لڳاسين. ڇو تہ گرونانڪ جي ٻاڻيءَ ۾ پڻ ساڳي فيلسوفي هئي، جيڪا سنڌين کي وڏن وڏن مان ملي هئي. مان جڏهن سنڌ ويس تہ ڏٺم تہ اُتي اَسان جون ڪيتريون ئي درگاهون آهن. هر درگاه تي هندو-مسلم گڏجي حاضري ڀريندا آهن. سنڌين جي فلاسافي آهي Sufism ۽ اَسان جي سڃاڻپ آهي جهوليلال. هر سنڌيءَ کي پنهنجي Letterhead تي جهوليلال جي مورتي لڳائي ڪري Promote ڪرڻ گهرجي!

اَسين هن ديش جي مکيہ ڌارا آهيون. Indus Valley Civilization هن ديش جي Civilization آهي. ويد پُراڻ هن ملڪ جو بنياد آهن. 'گيتا' ويدن جي اَيياس تي ٿهيل آهي. سمورو سنگيت ويدن مان نڪتل آهي. اها هن ملڪ کي سنڌين جي دين آهي. تنهن ڪري سنڌيت هن ديش جي مکيہ ڌارا آهي. 'سنڌو' مان ئي 'هندو' نالو ٿيو. اَسين هن ديش جا ڪمائو پُٽ آهيون! اَسان کي اهو پيار ملڻ کپي، جيڪو اَسين شخصي طور ٿا وٺون؛ پر اَسان کي اُهو سماج لاءِ Collectively وٺڻ سکڻو آهي!

سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي ٻَوليءَ جي! پر اُن جي حاصلات لاءِ ڪڏهن بہ ويل ويئي ناهي! اَسين وڙهندا بہ آهيون، ٿهندا بہ آهيون! يقينن اَسان کي ٻَوليءَ ۾ ئي رهڻ گهرجي!

**جوَهراڻي: مهرباني! توهان سچ چيو تہ سنڌين کي ٻَوليءَ ۾ رهڻ گهرجي! ڇو تہ ٻَوليءَ ۾ ئي شڪتي سمايل آهي!**

**ڪيسواڻي:** مهرباني رام! جو توهان هھڙو سندر ڪاريہ هٿ ۾ کنيو آهي!